آءُ ڪانگا

ڪر ڳال

پيش ڪندڙ

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا

اِتهاس اُڌياپڪ،

جئه هند ڪاليج، بمبئي-١.

دفعو پهريون

ڊسمبر ١٩٦٦ع

هڪ رپيو

آءُ ڪانگا

ڪر ڳال

پيش ڪندڙ

چيتنرام ليکراج ماڙيوالا

اِتهاس اَڌياپڪ،

جئه هند ڪاليج، بمبئي-١.

دفعو پهريون — ڊسمبر ١٩٦٦ع

هڪ رپيو

ڀومڪا

اِها خوشيءَ جي ڳالهه آهي تہ سنڌي ٻوليءَ کي ٻين مول ڀارتي ٻولين جي صف ۾ ساڻن هڪ ڪڙو ٿي ٻيهڻ جو آخر شرف مليو آهي. هاڻ سنڌي جاتيءَ جي ذميواري آهي سنڌي ٻوليءَ جي هستي برقرار رکڻ ۽ اُن کي ڪارائتو ثابت ڪرڻ.

ڳالهه يا آکاڻيءَ ۾ اَنوکو لطف آهي. منجهس ساهتيڪ ۽ اِتهاسڪ رس ڀريل ٿئي ٿو. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ خاص طور رات وڳري آکاڻيون ڪهنديون هيون، اَهڙي لطيف طرز ۽ نوع ۾ جو نيڻن کي ننڊ ستائڻ ڇڏي ڏيندي هئي. اِنهن آکاڻين کي قلمبند ڪرڻ ضروري آهي. اَڃا ٻہ اَسان وٽ ڪي اَهڙا سڄڻ آهن جن کي اِهي آکاڻيون بر زبان ياد آهن. اِهو اَباڻو ورثو هٿان وڃائڻ نہ گهرجي. هن ننڍڙي ڪتاب ۾ ڪي ڪهاڻيون ڏنيون ويون آهن اِنهيءَ مراد سان تہ من ڪي سڄڻ منجهائن متاثر ٿي گوڏ وڪوڙي، نج سنڌي آکاڻيون اَصلوڪي روپ ۾ گڏ ڪن ۽ اُهي ڇپائي سنڌي جاتيءَ کي نئين سر رس وٺائين.

بمبئي-١٦ — شيوا ۾

١٢ ڊسمبر ١٩٦٦ع — چيتن ماڙيوالا

أرپيم

سڪ سان

سنڌيءَ جي شائقن کي،

سنڌي ٻوليءَ جي ڀارتي وڌان جي آئين شيڊول ۾

مول ڀارتي ٻولين ۾ شمار جڻ جي موقعي تي.

Printed by Damodar Khemchand Bhambra at Laxmi Offset & Printing Works, Ballard Pier, Bombay, I. & Pitamberdas Sahijram at Kothari Printing Works, Sambava Chambers, Sir Phirozshah Mehta Road, Fort, Bombay-I. (Only Pages 33-46) & Published by Shri C. L. Mariwalla, 3/I, Mahalaxmi Colony, 120, Manmala Tank Road, Bombay-16.

مومل ۽ مبندڙي جي ڳالهه

عيسوي چوڏهين پندرهين صديءَ جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌڙي حصن ۾ وراهيل هوندي هئي ۽ هر هڪ ٽڪر تي الڳ حاڪم هوندو هو. تڏهن سمي ماٿيلي جو راج ـ ڌڻي هو راجا نند. راجا نند کي ڌيئرن جو ڌڻ هو ـ سڀيئون ساريئون نوَ ليالٽيون. تن مان سومل جي پنهنجي سياڻپ سبب ۽ مومل جي پنهنجي موهيندڙ مهانڊي ڪارڻ چڱي ساک ۽ هاڪ هئي. راجا نند صرفو ڪري ۽ ٻيءَ طرح چڱي ملڪيت ٺاهي هئي، جا ساري هن درياه جي پيٽ ۾ ٻوڙائي ڇڏي هئي. وٽس هڪ سونر جو ڏند هو، جنهن جي حڪمت سان درياه سڪي پيٽ مان پيچرو ڏيندو هو ۽ اُن جي اوت تي ئي راجا پنهنجي ملڪيت محفوظ رکي سگهيو هو. پر هڪ لڱا ڪنهن فقير، راجا جي ملڪيت جي ڇڪاس جو لقاءُ ڏٺو هو ۽ سندس دل سرڪي هئي ته اِها سموري هٿ ڪري، حياتيءَ جا باقي ڏينهن هوند سکي گذاريان! سو وجهه وٺي اچي راجا جي محل ٻاهران ڪنهن ڏاڙي سين هنيائين، جڏهن راجا نند شڪار تي ويل هو ۽ سندس

آءُ ڪانگا ڪر ڳالھ

ڏانئين ته جي پنهنجي ڦهلائيءَ سبب هڪ ملڪيت وڃائي ألبئي، ته پنهنجي ڇل ڦل سان ٻي ٿاهي وٺبي.

جي راجا نند کي لياٽين جي چالاک پداري پيٺي هئي، ته هن کا پنهنجي جوابداري وساري کين ڇڏي. هن، سندن ديک ڀال، شيوا ٽهل، خدمت چاڪريءَ ڪارڻ خاطر- خواه ٻانهين ۽ سهيلين جو پربند ڪيو هو، جن ۾ ٿاڻ خاص طور پنهنجي ٿالي سان هئي. صلاح اها بيٺي ته ڪاڪ ٽڻءَ جي ڪندي تي، لياٽي جي آناهن، پر ويران، پٽ تي باغن بوستانن ۽ گهاٽي وڻڪار وچ مومل جي ماڙي ڪڙي ڪجي. پر ماڙيءَ تي رسڻ خاطر سپ واهون ۽ واٽون پوائتن ۽ پيڪر طلسمي نظارن سان جهنجهجن. پوءِ منادي ڦيرائجي ته جيڪو مانجهي مڙس مومل جي ماڙيءَ تي سچين لڳين پهچي ويندو، تنهنجي ڳلي ۾ چنب مڪڙي واري راجا نند جي لياٽي جئ-مالها وجهندي. مومل جي سونهن جي ته هر هنڌ هاڪ پيل آهي؛ جنهن ويل جنگ جوانن کي هيءَ هوڪو پهچندو تنهن مهل، بنا ٽهلڻ جي، اچي هت حاضر ٿيندا؛ پر جادوءَ ڪامڻ جي رچايل رنگ ۾ اهڙو ڦاسجي ويندا، جو مومل تائين پهچڻ جي سڌ پوري ٿيڻ ته پري رهي، پنهنجي جند ڇڏائڻ ني محال ٿي پوندين. اهڙن سڌرن جي ڇڏيل پئسي ۽ مال مان جهٽ وڃايل ملڪيت وري ٿهي پوندي.

سياڻي ڏيءُ سومل پڻ ساڻ هيس. فقير جي ٻاڏائيندڙ
آواز تي مومل ٻاهر نڪري آئي ۽ فقير کان پڇيائين ته
ڇا گهرجيئي؟ فقير کي سونو وجهه ملي ويو، تنهن سوئر
جي ڏند لاءِ واڪ وڌو. مومل سمجهي نه سگهي (ڇو ته
ڪيس ڏند جي ڪرامت جي ڪل ئي ڪانه هئي) ته
سوئر جو ڏند فقير لاءِ ڪهڙي ڪم جو ٿيندو، جيتوڻيڪ
کيس ياد هو ته راجا وٽ هڪ سوئر جو ڏند هو ضرور،
جو هوءَ اندر تجوريءَ ۾ رکندو هو. تنهن ڪري هن فقير
کي چيو ته ٻيو ڪي گهر جو توکي ڪجهه کپانتو ٿئي،
باقي سوئر جو ڏند توکي ڇا ڪندين! پر فقير پنهنجي
هوڏ تي قائم رهيو ۽ مومل ڄاتو ته مست فقير آهي، جيڪي
دل چيو اٿس تنهن لاءِ ڪٺي سڀ هٿين اٽائين. راجا کي
ڦري سوئر جي ڏند جي ڪهڙي خاص گهرج آهي؛ سو
ڀلا ڪنهن هم تم جي ڏند آڻي فقير کي ڏنائين، جو دل
گهريو دان وٺي، مومل کي آسيسون ڪندو، رمندو رهيو.
راجا جڏهن شڪار تان موٽيو ۽ ڪم پئي تجوري کوليائين،
ته ڏند نهي ئي ڪين! پڇا مان پتو پيس ته مومل ته اهو
ڪنهن فقير کي ڏيئي ڇڏيو هو!! محل ۾ ماتڪو مچي ويو،
هائيدوس تي وئي. مومل سائي هٿ تيڻ لڳي. ناٿ،
سندس خاص ٻانهيءَ، ڏٺو ته گهر ٿو ڊهي؛ سو راجا کي چيائين
ته دل نه لاهيو، اسين توهان کي جهٽ اوهانجي وڃايل
ملڪيت ميڙي ڏينداسين، ۽ مومل کي پنهنجي سر آڻيت

هڪ اُنوکي لالائي پئي بکي؛ جھڙي پره ڦٽي پرڀات
ويل نظر ايندي آهي، باقي مڙس پر اُهڃاڻ سڀ آسُودگيءَ
جا ٿي ڇٽا ڏسڻ پئي آيا - بدن تي پيوت برابر لڳل هئي،
پر سندس سائي شال، ڳچيءَ جي سون ڳري، ۽ پڳه مان
عطر جي دل-خوش بوءِ. اَچرج ۽ اِسرار ڇڻن ٿي يارن کي
حقيقت ڄاڻڻ لاءِ منتظر ڪيو. سندن سوال تي سائي سال
واري ساميءَ پنهنجي ڪهاڻي پيرانتيءَ طرح ڪين ٻڌائي
ته ڪيئن هن مومل کي رسڻ پر نه فقط ملڪيت وڃائي
هئي، پر سوڍل جي سڪ ڪيس هڪ لاهُوتي فقير بڻائي
ڇڏيو هو. اُهڙي ڪا نينهن جي نوڪ ڇپي ويل ٿي ڏنيس،
جو مومل جي نالي ڳنهندي ڇتل ڦٽ چڪي ٿي پيا.
ساميءَ جي ڳالهه سڻي، يارن کي اچي رهڪ ڪميو ته
هلي ڏسجي ته اِها مومل آهي ڪهڙي وَٽ، جا سون
کي ٿي هيسائي. سو واڳُون ڦيرائي، يارن رخ رکيو مومل
جي ماڙيءَ ڏي، ۽ ڇپي ڏيئي، گهوڙا ڊوڙائيندا، جهٽ
اَچي مومل جي ماڻدار کي رسيا.

گهوڙا، مومل جي ماڙيءَ طرف ايندا ڏسي، ناتر، سائڻ
کي آگاه ڪري، سندن آءَ ڀاءَ لاءِ هيٺ اچي ٻاهر بيٺي.
رنگ پرنگ جاچي، سندن خوب مرحبا ڪيائين. اَحوال ڏيڻ
وٺڻ بعد هوءَ مهمانن جي اَچڻ جو اِطلاع ڏيڻ سانگي مٿي
ويئي، ۽ مومل کي دل گهڙيو اَحوال ڏيڻ بعد مهمانن وٽ
موٽي آئي؛ پر سندس هٿ ۾ هيٺر هڪ منجهيل ٻت جو

ٻانڊر کي مانڊاڻ مٿڻ ۾ خاص ولوڙ ڪانه لڳي.
ويران پٽ وسي ويو - دل-بهار باغ ڪري بيٺا، جن جي
گلن ۽ ميون، ۽ سڳنڌن ۽ سرهاڻن ملڪ واسي ڇڏيو.
انهن گلن ۽ ميون، وڻن ۽ ٻوٽن جي وچ ۾ بيٺل ماڙي
پڻ دلڪش هئي. وچ جو ول ڇل پڻ پنهنجو مٽ پاڻ
هو. ٽانڊر ٻه ڪٺي اهي ٽال رچيا هئا، جو جبرو جوان ٻه
جي هنياءُ جهلي سگهي!! رنگ رچي راس ٿيو نه پڙهو
گهميو. هيءَ خوش-خبر ڪنوڻ جيان پکڙجي ويئي ۽ ڪئين
عاشق ۽ شائق ڏوڪيندا آيا. پر ڪو ٻه مومل ٽائين رسي نه
سگهيو. هرڪو وچ رستي تي سڌ ٻڌ وڃايو، وقتي جان
تان ٻه همت ڪنيو ٿي ويو، يا نه ٻانولو ٻڌجي، هڙ ڦرائي،
رڻ پٽ ۾ هڻ پٽ ۾ حياتيءَ جا باقي ڏهاڙا ٿي گهاريا!!

اهڙو هڪ سگهارو شيدائي، ٻانولو ٿيو پئي ٻر ڦريو، نه
ائين او ڇتو دز اڏائيندا چار گهوڙيسوار اچي اٿ پهتا، ۽
مڙس جو رنگ ڍنگ ڏسي دنگ رهجي ويا. اهي چار
يار هئا ڏوڙ پني، شينهڙو ڏماچاڻي، راڻو سوڍو ۽ سڌن
سردار، عمرڪوٽ جو راڄڌڻي، همير سومرو. سڌن ياراڻي
هاڪاري هئي - مڙيئي جرئت-ڀريا جانباز، شوقين شهباز،
اٿن وهن گڏ، ڪائين پيئن گڏ، گهمن ڦرن گڏ، پهن ڪن گڏ،
هن دفعي گڏ شڪار تي نڪتا هئا ۽ خوب مرون ماريندا،
گهوڙن جون شرطون پچائيندا، هن پٽ اچي نڪتا هئا،
جتي ٻانڪو ٻانولو ٿيو پئي پنڪيو. سڌس منهن مان

ڏاچيءَ تي سوار ٿي اچي عمرڪوٽ سهڙيو. هاڻي هر
رات راڻو اتين ڪرڻ لڳو. پر سندس هيءَ روش ڪانئس
سواءِ ڪنهن کي به ڪين ڀاءِ پيئي. سندس گهر واريءَ ڏٺو
ته راڻي جو رخ هاڻ گهڻو ڦريل هو. تنهن کان سواءِ هوءَ
هر روز اچي ڪل جهڙي چادر هنڌ تي وڇائي ته صبوح
جو اٿڻ ويل اُن تي ڳاڙهي، ڌڌڙ جا داغ لڳائي پيا هجن.
همير سومري کي پڻ شڪ جاڳيو ته هيءَ جو راڻو ڏهاڙ
۾ موڳو موڳو ٿي لڳو تنهنجو ڪارڻ ڪهڙو هو!! مٿان جو
راڻي جي گهر واريءَ جي دانهن ڪن تي آيس ته جاچ ڪرائڻ
ضروري سمجهيائين. هوڏانهن جو مومل جو راڻي
سان نينهن ٻڌجي ويو هو، ته ڪانئس سواءِ وقت ڏڍي
پوندو هوس. اها روبڪار سندس پيءُ کي نه آئڙي،
چاڪاڻ ته هاڻ مومل ۽ ميندڙي جي مرهيت پڪي ٿيڻ
تي ڪيس مفت جون ملڪيتون ملڻ بند ٿي ويون.
تنهنڪري هن سومل کي هدايتون ڏنيون ته هنن ٻن
جي سنبهه ۾ ڪنهن ريت وڇي رخنو وجهه. همير کي
جاچ پڙتال مان پتو پيو ته برابر هر رات راڻو ڏاچيءَ تي
سوار ٿي، ڪيڏانهن نڪري ويندو هو، ۽ پره ڦٽيءَ کان
اڳ، ئي واپس اچي ويندو هو. ٻي ڪا سواءِ واهه نه
ڏسي، ڏاچيءَ کي ختم ڪري، راڻي جو وهٽ ٻما مومل
کي رسڻ ناممڪن ڪيو ويو. انهيءَ رات راڻي جو
پيرو پيو. جت تي اچي منبو، جنهن ميندڙي جو
غصو پورو ڪرڻ خاطر چيو ته "سائين! ڳالهه ڪهڙي

وڃي سندس لڳہ کٽ تي ويٺو. هاڻ تہ مومل جو رهيو ڪهيو حجاب پڻ ويندو رهيو ۽ هوءَ پاڻ ۾ روح رچنديون ڳالهيون ۾ رڌيون ويا. ڳچ وقت بعد مس ميندڙي کي سمڪ پيئي تہ سندس يار سندس ڏي واٽ نهاريندا هوندا. سو مومل کان مس ڪري موڪلائي، هر رات اچڻ جو انجام اقرار ڪري، موٽي آيو ۽ اچي دوستن سان مليو، جن هيڏي دير جو ڪارڻ پڇيس. راڻو حقيقت بدہ آلي ويو، ۽ ڪين پڪ ڏياريائين تہ هوءَ پڻ ناتر جي ور چڙهي، وڃڻ کي ويو هو. پر قسمت زور هيس جو جبري مشاڪوہ کان پوءِ ڪس لهي، هوءَ ساڻس اچي ملي سگهيو هو. سڀيئي دوست اندر جي اندر ۾ سانيدي، مومل جي پچر ڇڏي، لغامن کي ڇڪي ڏيئي، عمرڪوٽ اسهيا.

قول ڪري ميندڙو بہ ڦرڻ وارو مڙس ڪين هو. ويتر جو مومل تي پاڻ بہ هرڪ هاري ويٺو هو، سو جڏن سمجها ٿي تہ مومل جي ڏات پچر اچي ورايس. جت کي تاڪيد ڪري ڇڏيو هئائين تہ ڏاچي تيار هجي. رات جو جڏهن سڀ وڃي آرامي ٿيا تڏهن هوءَ لڏب جو مڪر ڪري، پاسو ورائي سمهي پيو، ۽ جڏهن پڪ ٿيس تہ سندس گهر واري پڻ اگهور ننڊ جي حوالي ٿي چڪي هئي، تڏهن ڏاچي پلاڻي، رخ رکيائين مومل جي ماڙيءَ ڏي. ڏاچي بہ واڳهہ هئي، سو هيڏو پند ٺپي ڪرڻ ۾ خاص وقت نہ ورتائين، ۽ ميندڙو اچي مومل کي مليو. خوب وندر ورونہ بعد مومل کي سمهاري، ميندڙو وري

راڻي سان دوستاڻو سنبنڌ جوڙيائين. مومل ۽ ميندڙو
چڱا گهاٽا مائٽ ٿي ويا ۽ راڻو هرروز مومل وٽ چوپڙ
راند کيڏڻ ڪاڻ اچڻ لڳو. مومل في الحال انهيءَ ۾
ئي راضي هئي. مهاڻان ٻڌيوُن هيءَ جوڙو ڏسي،
سهي نه سگهيون. هڪ ڏينهن چوپڙ کيڏندي جڏهن
مومل پاڙو ٿي اُڇلايو ته ڪڙتي جي آستين ڪجهه مٿڀرو
ٿي ويئي ۽ هن جي ٻانهن جو ڪجهه حصو ظاهر ٿي
پيو. راڻي جي نظر ٻانهن تي نشان تي پئجي ويئي،
جنهن مان پڪ ٿيس ته سوداگر حقيقت ۾ مومل هئي ۽
وڻجارڪو ويس جاڻي ٻجهي کيس گمراه ڪرڻ ڪاڻ
رچيو ويو هو. شڪل بدلائي هٿي ويس ۽ هڪدم
اٿي کڙو ٿيو. مومل حد آزيون نيزاريون ڪيون ۽ کيس
حق سچائڻ لاءِ ايلاز ڪيا، مگر ورلو ڪجهه به ڪين.
آخر مومل ايترو به چيس ته ڪاڪس سواءِ سندس جيئڻ
محال هو ۽ هوءَ وڃي ڏاڍي چڙهندي. لڏهن به راڻي
کي ڪو مائو ترس نه آيو. مومل جي چوڻ تي جلائڻ
کانئين جو آڙاه تيار ڪيو ويو ۽ ٺيڪ مهل مومل منجهه ۾
مڌهن وجهي، وڃي آلڪ کي ملي. راڻي کي جا سڌ
ملي، سو سهڪندو آيو ۽ گهڻائي واجهه وڌائين، پر ٻڌائڻ
جي ڪوشش ڪيائين، پر آڳ مومل کي وپڙهي وڪوڙي
چڪي هئي. راڻو ٻڻ اڌڀر تي پڪو هو. وڌيڪ ويرم
وجهڻ مان ورڻو ڪي ڪين هو، لمهنڪري هوُ به ٽپو
ڏيئي وڃي مومل سان مليو.

آهي!! اِنهيءَ ڏاچيءَ جو ڪونرو به ماءُ جهڙوئي آهي؛ سڀاڻي اُهو آڻي حاضر ڪندس. تڏهن مس راڻو باز آيو ۽ سور في الحال ٻي ويو. ورندي رات جو ڪنوات تي سوار ٿي، ميندڙو هليو مومل ڏي. مگر هڪ رات جي ويرم ضرور پيئي هئي. سومل کي نه اهڙو وجهه ڪپندو هو، سو ناتر کي سمجهائي، پاڻ وڃي مومل جي پير ۾ ليٽي. ناتر، راڻي کي نڪرو ايندو ڏسي کيس آگاه ڪيو ته هوُ ڪالهه ڪين آيو هو، جڏهن ڪري مومل اَڄ ڪنهن ٻئي سان وڃي آرامي ٿي هئي. ميندڙي کي هرگز اَعتبار نه آيو. پر جڏهن مومل جي ڪمري ۾ پير رکيائين ته دنگ رهجي ويو. مومل برابر ڪنهن ڌاريي جي آغوش ۾ هئي. جوش وٺي ويس. پهرين ته ويچار آيس ته مومل کي هن بي-وفائيءَ جو مزو چکايان؛ پر جهٽ خيال ڦيرايائين ۽ پنهنجي شمشير، نشانيءَ طور مٿن ڪان رکي، پويان پير ڪري، اَچي عمرڪوٽ پهتو. هاڻ مومل تان دل صفا کڄي ويس.

ٻيا ته سڀ راضي ٿيا، پر مومل لاءِ ميندڙي ڌاران هر پلڪ پيڙا، ساري ويل وه ۽ جيئڻ جنجال ٿي پيا. گهڻائي حيلا هلايائين، ٻيا پا ٻيايائين، قاصد موڪليائين، پر سڀ ڪوششون بي سود ثابت ٿيون - راڻو ڪين موٽيو، ڪين آيو. هاڻ مومل ڪاڪ ڪڙي سمجهي، پاڻ خود ميندڙي کي ملڻ ڪاڻ اُٿي هلي. سوداگر جو ويس ڪري، عمرڪوٽ ۾ اَچي ڪوٺي وڌائين ۽ آهستي

سِتت تي سامان سنباهي، ڪونروءَ ۽ سعدس ماءُ مرڪي وهت پلاڻي، وطن واري ندي اُڪري، اَچي ديول ڪوٽ ۾ سهڙيون. هتيڪن ماڻهن مان ڪنهو لڳن ته سعدن ڪم جکري وزير مان اُوس ۽ آسان رهڻ ٿيندو. سو، ساهس ساري، ڪو سچائل شخص ساڻ ڪري، آيون جکري جي جاءِ تي، ۽ وجهه ملڻ تي ماڻس سربستو حال اوريائون. پيرائتي رهڻ حقيقت کان واقف ٿي، جکري وزير سودو سڦرو سمجهي، کين دلداري ڏني ته "رکو رب تي، سڀ چڱي ٿي پوندي." سوچيائين ته چنيسر جام، ڪونروءَ جهڙي ڪنوار حاصل ڪري، پاڻ مٿس وڏيڪ راضي ٿيندو.

ٻئي ڏينهن وجهه ملندي، جکري پنهنجي حاڪم سان ڪونروءَ جو ذڪر ڇيڙيو. ڪونروءَ جي سونهن جو وستار سڻي، چنيسر ٻهرين برابر ڪي ڪجهه هرکيو، پر پنهنجي پٽ-راڻيءَ ليلا جي ياد ايندئي هن آيل آڇ موٽائي ڇڏي. ليلا، چنيسر کي اهڙو ڇوڪنيو پنهنجي وس ڪري ڇڏيو هو، جو جکري کي لاچار نراس ٿي ورڻو پيو، ۽ جڏهن ڪونروءَ ۽ ماڻس کي جواب ڏنائين ته سعدن ڇيهه تي ڇڄي پيا. آخر ٻيو ڪو اُپاءُ نه ڏسي، ماءُ ڌيءُ رٿ رٿي ته محل ۾ پورهيتيون ٿي ڪم ڪري، ڪنهن ۾ راڱ ريجهايون. انهيءَ ڪارڻ مال اَسباب نيڪال ڪري، غريباڻو لباس پهري، لنگهي ويون ليلا وٽ. کيس ليلائيندي چيائون، "سائڻ، زماني جي ڏولاون اَسانجو هيءُ هيڻو حال ڪيو

ليلا-چنيسر جي ڳالهه

عيسوي تيرهين ۽ چوڏهين صدين ۾ سنڌ ۾ سومرن جو راڄ هو. انهيءَ عرصي ۾ چنيسر جام، (١٢٨٨-١٣٠٦)، ديول ڪوٽ جو حاڪم، نامڪٿيو راڄ-ڌڻي ٿي لڀريو آهي. سومرن جي داسڙوُ شاخ جو جام چنيسر، حشمت ۽ حسن جي ڪري هر هنڌ هاڪارو هو. سيڪا سونهن-مٽي سندس سهاڳ لاءِ سڪنديون هيون.

ساڳئي وقت سولنڪي-راجپوت راٺو ڪنگهار، لکپت بندر جو صوبو هو. کيس ڪونروءَ نالي هڪ نياڻي هئي. ڪونروءُ سونهن ۽ سمجهه ۾ سپر، پنهنجو مٽ پاڻ هئي. ڪنهن ڏينهن ڪونروءَ هيج منجهان پٽي پاڻ سجايو ته سندس سهيليءَ مٽس چٽر ڪندي چيو، ”هار سينگار ته اِئين پيئي ڪرين، پانءِ چنيسر سان چاهه رکيو اٿيئي!“ هن طعني ڪونروءَ کي تمام ڪري وڌو. هوءَ اڻ-ڏٺو چنيسر تي چري ٿي پيئي. راڻي ڪنگهار کي جڏهن هن ماجرا جي خبر ملي ته هوءَ، چنيسر سان سڱ ڳنڍڻ لاءِ ته خواهان ٿيو؛ اُلڪو فقط ايترو هو ته جيڪڏهن چنيسر ناڪار ڪئي ته ڳالهه ڪسي ٿي پوندي. اِنهيءَ ڪارڻ اِها رٿ ٻڌاري وئي ته ڪونروءُ ۽ سندس ماءُ وڻجارڪو ويس ڪري، ڪنهن پر چنيسر کي رجهائي، من جي مراد پوري ڪن.

سندس خاص دل هئي. هار ڏسي سندس نيڻ ٽمڪڻ لڳا. هار لي دل اُهڙي سڪي ويس جو ڪولرؤ کي للڪار ڪندي چيائين: "گهر جيڪي گهرڻو هجيئي، پر اهو هار موٽڪي ڏي." ڪولرؤءَ به هيءَ سولو وجهه هٿان نه وڃائيندي، چيو، "هار هوند توکان گهوري ڇڏيان جي چيسر جام سان هڪ رات رهاڻ ڪرڻ ڏيم." ليلا هار لي اُهڙو هرڪ هاري ويٺي جو سمڪ ڪاله رهيس نه ڪهڙو ڦهر ٿيي ڪريان، ۽ ڪولروءَ کي هڪدم ڪٿي "ها" ڪيائين.

تنهن رات قضا سان چيسر نشي ۾ اُلوٽ ٿي رات جو دير سان پنهنجي ڪمري ۾ آيو. ليلا پنهنجي هٿن سان سندس بانهن ڪولرؤءَ کي ڏيئي، پاڻ نڪري ويئي. ڪولروءَ ڪيتري ئي ڪوشش ڪئي ته چيسر کي سجاڳ ڪريان، پر هو اُهڙي غشيءَ ۾ هو، جو جاڳڻ ٽئيس ئي چوٽي! ڪولرؤ سندس پيرانديءَ کان پٽ ۾ ويهي اوجاڳو ڪيندي رهي، تان جو اُسر جو پاسو ورائيندي، نرالي همت ڇهندي، چيسر اک پٽي. ليلا بدران ڪولرؤ پسي، سندس حيرت جي حد نه رهي. ڪجهه چڙ ڪيت يا ريب سمجهي هن ڪولرؤءَ کي سخت چيڀيو، مگر جڏهن ڪولرؤءَ جي وائان حقيقت ڪنن سان ٻڌائين نه طاق لڳي ويس، ۽ سالن جي محبت، منٽن ۾ مٽجي ويئي. ڪولرؤءَ جي قربانيءَ جو قدر ڪري، ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيائين. ليلا کي نه خواب خيال به ڪين هو نه مٿس ڪو اهڙو وقت وهندو، سو

آهي. ڏٺيءَ توسان ور ڪيو آهي. اسان تي جي هٿ رکيون ته دعائون ڪنديونسونءَ. گهڙوُ ڪم بخوبيءَ ڄاڻون، وسون ڪين گهٽائينديونسين. ڪجهه باجهه ڪر." ليلا جي دل نيٺ پئي ۽ ڪونروُ ۽ سندس ماءُ کي پاڻ وٽ ڪم هاج لاءِ رکيائين.

وقت پنهنجي رفتار وٺيو ٿيندو رهيو، مگر مرڪيءَ ۽ سندس نياڻيءَ کي چنيسر ڄام هٿ ڪرڻ جو وجهه ڪين مليو. سياريڪ ٻئي دلگير ٿيڻ لڳيون. ڪونروُ ويچاري ته لڪي ڇپي پيئي هنجون هاريندي هئي. هڪ لڳا، چنيسر جو سيج وڇائيندي، ڪيس پيڪا ڏينهن ياد آيا ۽ اچانڪ سندس اکين اجهل لڙڪ لاڙڻ شروع ڪري ڇڏيا. اتي ڪنهن سانگي ليلا به اچي سهڙي، جنهن ڪانئس ڳوڙهن ڳاڙڻ جو ڪارڻ پڇيو. ڪونروءَ گهڻوئي ٽاريو، پر نيٺ سوُر سلڻو پيس. چوڻ لڳي ته "ساڻس آءٌ به تو وانگيان هندورن ۾ پلي آهيان. جنهن ويل آءٌ ويس وڳا ڪري، نولکو هار ڳچيءَ ۾ وجهي، تيار ٿيندي هيس، ته هار جا موتي ماڻڪ اهڙا ٻهڪندا هئا جو اونده ۾ سڄ وارو سوجهرو ٿي پوندو هو. اهي سڪر ڏينهن ساريندي نيڻ پرجي آيم." ڪونروءَ جي ڪهاڻي ليلا کي دل سان نه لڳي، سو ٿابتي گهريائينس؛ جنهن تي هوءَ سٽ ڏيئي، دٻلي کڻي آئي ۽ جڏهن ٿي پنهنجو نو-لکو هار ٻاهر ڪڍيائين، ته ڪمري جي ٻهڪ ٻيڻي ٿي پيئي. ليلا سياءَ جي ڪجهه چلولي هئي ۽ مٿين سان

سورٺ ۽ راءِ ڏياچ جي ڳالهه

ڪنهن سمي ڪاٺياواڙ ۾ سنڌ جي سما ڪٽنب جي راجپوتن جو راڄ هو. اهو راڄ عيسوي ڏهين صديءَ جي پوئاريءَ ۾ راءِ چوڙا، ونٿليءَ ۾ گادي وجهي، شروع ڪيو هو. سندس وارثن مان اُئي عيسوي ٻارهين صديءَ جي شروعات ۾ راءِ ڏياچ يا دياچ، ڏاڍو ۽ ڏيا وارو سردار پيدا ٿيو. چوڏس چوڌار سندس ڌاڪو وڄل هو. گرنار جو گهوٽ، چوڙا-سمن جو ٽڪ، راءِ ڏياچ اُئي هو. اُنهيءَ سمي اَنيراءِ اڻروٺي نالي راجا گجرات ڏيهه جو راڄ-ڌڻي هو. زور-آزمائيءَ جو ٻج راجپوتن جي جڙ رت ۾ پيل هو. سو راءِ ڏياچ، راجا اَنيراءِ کي ڪهن ڪاڻ ڪجهيو. حقيقت هن ريت هئي ته راجا اَنيراءِ، پاڳٺي رتني جي ڌيءَ جو سڱ قبوليو هو. رتنو، راءِ ڏياچ جي ڏيهه جو رهاڪو هو. هڪ ڏينهن رتنو مڱڻ سنڀاهي، سڄ سارڻ ڪري، شرناني ۽ ساز جي آواز سان راڄ-محل وٽان اچي لانگهانو ٿيو. راءِ ڏياچ به ڪو دريءَ کان نظارو ڏسي رهيو هو- نظر وڃي سڄ تي پيس. پڇا مان پتو پيس ته پاڳيو رتنو پنهنجي ڌيءَ، سدا سهڻي، چنڊ منهن واري سورٺ، گجرات جي راجا، راءِ انيراءِ سان پرڻائڻ وڃي رهيو هو. اُنهيءَ تي رتني کي راڄ-محل ۾ مٿي سڏايو ويو. سندس اچڻ تي راءِ ڏياچ ڪانئس سوال

۽ سندس ٽي ھٿين دواران. گهٽيئي وس ڪيائين، مگر هڪ ۽ حيلو نه هليس. نيٺ تراس ٿي، شيون سڀيالي، پيڪي گهر هلي ويئي.

سال پنجاھن ٽڻ نهي آيو. جڪري وزير جو ليلا جي پيڪي ڳوٺ ۾ سڳو ٿيل هو. اهو سڳو ڏيڻ کان ڳوڻا ٽن نابري واري، جيستوڻي ليلا جي مسئلي جو ڪو خاطرخواه نبيرو نه ٿيو هو. جڪري وڃي ليلا جا پير پڪڙيا، جنهن فقط اهو شرط وڌو ته ”چنيسر جام کي شاديءَ بهالي همت وٺي اچ.“ جڪري وزير چنيسر کي شاديءَ جي جڄ سان هلڻ لاءِ مس ڪري مڃايو. جڏهن جڄ ڳوٺ ويجهو آئي ته ڳوٺ جو پيشڪو سندن آجيان لاءِ اچي سهڙيو. ڳوٺ جون نينگريون، چنيسر جي شان ۾ ناچ لاءِ سنيري آيل هيون. رواج موجب نينگرين جا منهن ڍڪيل هئا. ناچ واه جو وڌانون؛ ٽن ۾ مکيہ ناچڻيءَ نرالو رنگ رچايو. سندس ٻول ۽ ٻانگ، چنيسر کي اٺ-ڏٺي مٿس موهت ڪري ڇڏيو. چنيسر جام کان وڌيڪ رهيو نه ٿيو، سو هنکي گهونگهٽ هٽائڻ لاءِ چيائين. ليلا کي ته اهڙو وجهه کپندو هو، سو منهن کولي، سندس چرڻ ڏي وڌي. هيڏي وڇوڙي بعد هيئن ميلاپ جو جذبو سهي نه سگهي، ۽ مورچا ٿي ڪري پيئي. چنيسر ۽ ڪيس چمت ٽان صفا لاهي ڪين ڇڏيو هو، سو ۽ هي اچانڪ گڏجاڻيءَ جو تاب سهي ڪين سگهيو ۽ ليلا سان گڏ ساه ڇڏيائين.

کين ڇڏيائين. آخر هڪ رٿ سُجهي آيس. رڻ ٽڪڻ جو
ٿالهه ڦيرائي ساري شهر ۾ ڍڙهو گهمايائين ته "جو شخص
راء ڏياچ جو سر آڻي راجا انيراء اڳيان رکندو، سو هيءَ
ٿالهه قبولي. سر پيش ڪرڻ لي راجا انيراء کيس ٻيا ٻه دل
گهريا انعام ڏيندو." پر ٿالهه ڪوئي نه پيو قبولي. آخر
جڏهن ڍڙهو-ڏيندڙ، چارڻ ٻيجل جي گهر وٽان اچي لانگهائو
ٿيو ۽ وڏي واڪي راجا انيراء جي آڇ ظاهر ڪيائين ته
ٻيجل جي گهر-واريءَ جي دل سرڪي: ڇي، "چارڻ جي
ڇڏڪ لي سڀ مشتاق آهن، سو راء ڏياچ کيڏانهن
ويندو!" در وٽ اچي هن هڪل ڪري ڍڙهي واري
کي هاڻ وٽ سڏيو ۽ ٿالهه قبوليو. جنهن لي نه فقط
پاڙيوارن کي، پر ڍڙهي-ڏيندڙ کي پڻ اچرج لڳو ته هيءَ
عورت کهڙي نه ڇهيلائي ڪري رهي آهي!! تماشام
جو ٻيجل ٽڻ چاري جو جهنگ مان موٽيو ته گهر ۾ ناڻو
۽ مولي ماڻڪ ڏسي عجب لڳس. پڇا مان پتو پيس ته
اهو سارو مال کيڻن اچي سهڙيو هو. خبر پڌندي ٿاڪ
لڳي ويس. ٻيجل ۽ سندس ساز جي هر هنڌ برابر هاڪ
هئي، پر اهڙو ٻه ڪو سائينءَ جو لال هوندو جو سر مٿان سر
صدقي ڪري، سا پڪ ٻيجل کي پڻ ڪانه هئي. جنهن
صورت ۾ سندس گهر-واريءَ سندس غير حاضريءَ ۾
سندس پاران قول ڪيو هو، تنهن صورت ۾ ٻيجل هاڻ
ناڪار ڪري ڪين ٿي سگهيو. اِهيءَ ڪري هوُ راجا
انيراء کان پاڻ پڌڻ لاء راج محل ڏي پير پري هليو ته،

ڪيو تہ "ھيءَ جو تون پنھنجي ڌيءَ اسانجي ٻاڙيسريءَ
سان پرڻائڻ ٿو وڃين، سو ٺوڪي سوڀي؟" اَدب جا ھٿ
ٻڌي رنڌي وراڻيو تہ "راڄن، گستاخي معاف. ڪو ڏيہ
جو والي، نياڻيءَ لاءِ واٽ وڃھي، تہ سپاھڪ دل سرڪندي؛
اِنھيءَ ڪارڻ سگھہ قبوليم." تنھنتي راءِ ڏياچ وري ٻڇيو
تہ "جي اَھڙي ڏاڃھہ ھيءَ تہ پنھنجي راڄ سان بہ ڪا
اِھا سليءَ؛ ڪانئس صلاح ورتہ؟" اِنھيءَ تي رنڌي جو
ڪنڌ ھڪدم ھيٺ جھڪي ويو؛ پشيمانيءَ جي لوع ۾
آڪيائين: "سائين اَجا ويل ويئي ڪانھي؛ جا راڄن جي
آگيا. بندي جي ڇا مجال جو راجا جو حڪم بجاء نہ
آڻي." سورٺ جي سونھن جي ساک تہ راءِ ڏياچ
ڪڏھوڪو ٻڌي ھئي؛ وِيتر جو اَنيراءَ کي ٻوسرائڻ جو
وجھہ ٺھي آيس، سو رنڌي کي ھڪل ڪيائين تہ
"مڃ جھل؛ جي تنھنجي اِھا مراد آھي تہ مڱ ڪنھن
راڄ-ڌڻيءَ کي سپرد ڪريان تہ آءٌ خود ٿو اَھڙي رسم اَدا
ڪريان." اَھڙيءَ طرح رنڌي جي ڌيءَ سورٺ جي
شادي راءِ ڏياچ سان ٿي گذري. اِھا خبر جڏھن راجا
اَنيراءَ کي ملي تہ مڙس ڪامي ويو. ھڪدم ڪانياواڙ تي
چڙھائيءَ جا حڪم ڪيائين. راءِ ڏياچ جي ڪوٽ
کي اَنيراءَ گھيڙو تہ اَچي ڪيو، پر قلعو ڪرڻ وارو ڪين
ھو، ڇڪي وري راءُ ٻيش ٻوڻ وارو ھو. ٻارھن مھنا ٺيري
ويا، مگر ڪوبہ ڪڙ ٺيل ڪين ڇڪتو. نيٺ ششدر ٿي اَنيراءَ
پنھنجي ملڪ موٽي ويو، پر ڪنھن بہ وير وڻڻ جي ٻڇر

صبر ۾ سمھيو پيو آھي. ھنجي خوشيءَ جي حد نه رھي،
۽ ھيڏا ويڙھ ھوءُ صندوق سان ڪري سڌو گھر آيو ۽ ٻنا
ھم تم جي اَٻاڻي گھر-واريءَ جي گود پرائين. ھيءَ ٻه
سڪايل جوڙو ھو، جنھن کي جو ھن غني طرح سنتان
نصيب ٿيو ھو، سو ھن ٻيجل کي نالي سنئون پاليو نپايو.
ٻيجل اَڃ ننڍو سيان وڏو، نسب وچي ڪم لائق ٿيو ۽
ڌرم ھي ٻيءَ موافق ٻار نه مال جا ڌڻ چارڻ لڳو. ھڪ
لڳا ھوءُ جھنگ ۾ ھنن ڪنھن وڻ کي ٽيڪ ڏيو ڌڻ
جي نظرداري ڪري رھيو ھو ته سندس ڪن تي ڪو
مڌر پرلاءُ پيو. چؤطرف نظر ڦيرايائين مگر ڪيس ڪو به
شخص نظر ڪين آيو. آواز وري اڀ ۽ ڌرتي آيو...... ۽
پوءِ اينڊو ئي رھيو ۾ اَڳج پري ڳاڙھو. اِھا ته اِھو آلاپ
ڪنھن ساز جو ھئي لڳو ۽ اِھو آيو ئي، ھوا جي جھوٽي
لڳل ٿي. ھيءَ سريلو سر سڻي، ٻيجل مست ٿي ويو ۽
اِنھيءَ ساز ھٿ ڪرڻ جي سنجوءَ جنھي ويو. گھڻي جاکوڙ
بعد پيو پيس ته اِھو آواز ڪنھن ساز مان ڪين ٿي آيو پر
ڪنھن مرگھه جي جسم مان، جو وڻ تي لٽڪيو پيو ھو.
جڏھن ھوا جو جھوٽو ٿي لڳو تڏھن اُن مان اِھو مڌر آلاپ ٿي
نڪتو. اِني ٻيجل کي خيال آيو ته جي ھن اَڌ ڳھريل
جسم مان ھھڙو سريلو آواز ٿي نڪتو، ته اُن مان جي ڪو
سريلو نڪتي جوڙجي، ته ماڻھوءُ مرؤن ھوند اُنجي آلاپ
تي مفتون ٿي پون. سو وڻ تي چڙھي جسم لاھي ھيٺ
آيو. گھر اَچي اُنجي عضون مان ساز جوڙيائين ۽ ٻئي ڏينھن

آخر ڪيس ڪرڻو ڇا هو.

هيءُ ٻيجل ڪير هو، جنهن ايڏو ساهس ٿي ساريو؟ ٻيجل ڪنهن چارڻ جي گهر ۾ پليو هو، پر اصل ۾ هو راجائي ٻار هو. راءِ ڏياچ کي هڪ پرڻيل ڀيڻ هئي. اُن ڀيڻ کي ٻچڙو پيٽ جائو نصيب نه ٿيو هو. ڪرم آهڙو ڪاٽ هوس جو گهڻائي در پٽيائين، پير فقير پڇيائين، پر ڪنهن ۾ دل-گهريو آسرو ڪين ڏنس. آخر هڪ جوتشيءَ کي وڃي واٽ وڌائين. جوتشيءَ تارن جو حساب جاچي چيو: ”توکي پٽ سنتان لکيل ته آهي، پر......“ اِنهن چئي جوتشي ڳالهه ٻڌي ويو. اِنهيءَ تي ماءُ جي آتُرويلا ٻاڻ وڌي. آخر گهڻي زور آڻڻ تي جوتشيءَ سچ چئي ڏنو: ”اِهو ٻالڪ اوهانجي ڀاءُ جو سر ڪٽيندو.“ راجپوتڻي ڀرين ته سراپجي ويئي، پر جهٽ ۾ ٻار ساڻ اِرادو پڪو ڪري، هلي ويئي. وقت سر جوتشيءَ جي چوڻ موجب ٻار ڄائو، پر ماءُ ٻالڪ ٻنا ڏسڻ جي، دائيءَ کي خرچي ٻاسي، اُنکي ڪنهن طرح ختم ڪري، لوڙهي ڇڏڻ لاءِ چيو. دائي لوڀ جي لالچ تي هرڪي، مگر معصوم جو ملوڪ چهرو ڏسي هوءَ باز آئي ۽ ٻالڪ کي نگهوسار ڪرڻ بدران ڪيس سهڻا لائق وستر ڀرائي، صندوق ۾ سنهاري، اُها ڪري نديءَ کي سپرد ڪيائين. صندوق لڙهندي ڪنهن هنڌ ڪناري سان لڳي اچي بيٺي. اُتي ڪو ڳنوار، مال چاري رهيو هو. هنجي نظر وڃي صندوق تي پيئي. جان ڪڇي کولي ته ڇا! اندر سدا سهڻو ٻالڪ

مڃايو ويٺو آهي. هڪدم ماڻهوءَ موڪلي مٺي گهرايائينس. ”ٻيجل کي ٻيءَ رات جو سڏايو سلطان“. اوياريون لهواريون لهندي، راءِ ڏياچ، ٻيجل کي ساز وڄائڻ لاءِ چيو. ٻيجل اِنهيءَ ڪارڻ ئي ته ڪهي آيو هو. ساز جو ڪو آواز هو! ساز جي سوز راؤ رنجهائي وڌو. ٻيجل تند تنواريندو رهيو ۽ راؤ جهومندو رهيو. وقت وهامندو رهيو، مگر اُنجي سمڪ نه راجا کي رهي، نه راڻي کي. سورٺ، ٻين راڻين سميت، اوسيڙو ڪيئندي رهي. نيٺ وڏيڪ سهي نه سگهي ۽ اچي پنهنجي پران-پتيءَ کي ساز جي خمار مان سجاڳ ڪيائين. هاڻي مس راءِ ڏياچ کي خيال ۾ آيو ته ڪيڏي دير ٿي چڪي هئي!! تڏهن مڱڻهار کي دل گهري سوغات ڏيڻ خاطر پڇيائينس ته ”مڱڻا، ڇا جي طمع تاس آئيٺي؟“ وجهه واه جو ٿي آيو، مگر ٻيجل اِهو ٽڻ ٽاري ڇڏيو. چيائين: ”راڄن، اِنهيءَ ڳالهه تان لهي وڃ.“ راءِ ڏياچ زور ڀريو، مگر ٻيجل ”ويل ويٺي ڪالهي“ جي واني ڇيڙي. راجا اڃا ٻه راڳ جي راحت ماڻڻ ٿي گهري، تنهنڪري ٻيهر اچڻ جو ٻيجل کي نوتو ڏنائين. هيءَ اٿين نيڻهن جو نظارو ڏسي، سورٺ جي دل ڪڇه ڪنڪو ڪاٿو، پر جهٽ پاڻ سنڀالي، خيال مٽائي ڇڏيائين.

ٻئي ڏينهن ٻيجل موٽي راڄ-ڪوٽ ۾ آيو. راؤ سندس راهه تڪي رهيو هو. اڄ ته سرندائيءَ ساز مان اهي سر آلاپيا، جو راؤ جو چت اس پس ڇريو ڪري ڇڏيائين. ڏيچ جي اندر ۾ اِها آگ جاري ٿي ويئي، جنهنجو اُجهامڻ اهڙو

اِهو ساز جهنگ ۾ پنهنجي دل وندرائڻ ڪاڻ ڪڍي ويو. ڪنهن ويل جو گز ڪڍي ساز وڄائي ته ساري جهنگ جا جانور نچندا ڪڏندا اچي ٻيجل وٽ مڙيا. هيءَ عجيب اسرار جي ڳالهه ٻيجل اچي پنهنجي گهرواريءَ سان ڪئي، جنهن اِها اندر ۾ سانڍي. ٻيجل جي سرندي جي هاڪ هر طرف پکڙجي ويئي، تانجو سندس گهر-واري ڏکم ڏاڪڙا دور ڪرڻ ۽ سکيو وقت گذارڻ ڪاڻ راجا انيراءِ جو رَنِ ٽڪن جو ٽالهه وٺي رکيو ۽ ٻيجل کي سوراشٽر-پتي راءِ ڏياچ جي سر جو سوالي بڻجڻو پيو.

جوٽس جو قول ڪيو، سو ٻيجل هليو پاڙڻ - چارڻ چنگ ڪلهي ڪري رکيو رخ گرنار ڏي. ٻيرين پند منزلون ڪندو ٻيجل اچي راءِ ڏياچ جي نگر نزديڪ رسيو. سندس سرندي جي ساکه ڪانٽس اڳه گرنار پهچي ويئي. "تيو غلغلو گرنار ۾ ته ڪو عطائي آيو". ماڻهن ۾ چؤٻولو مچي ويو ته هڙو سازيندڙ نگر ۾ پينو آهي، شل مالڪ مهر ڪري. ٻيجل مست مڪنتي جيان سارو ڏينهن شهر جون گهٽيون ڪڇيندو رهيو. انهيءَ ڏينهن سندس ساز جو پڙلاءُ راجا جي ڪوٽ لوٽي پهچي ويو. ٻئي ڏينهن ٻيجل پڇا ڪري اچي راج-گڙه پهرو ٿيو ۽ گز ڪڍي چوچ مان سر ڇيڙيائين. راءِ ڏياچ پڻ اُن مهل واندو ويٺو هو، تنهن اِهو سر سنيو. پڌندي مڙس مست ٿي ويو. ڪالهوڪي يادگيري آيس. آواز جو طرف سڃاڻي اُن پاسي دريءَ کان هيٺ نهاري ڏسي ته هڪ چارڻ چنگ چوري، ماڻهوءَ مرگهه ميڙهون موهي، محفل

هُوَ ڪجھہ گُهري ڪين ٿو. ”سوين سواليِ سر چاڙهي ڪيا اَٿم؛ هن کي ٻڻ سيڪڙهہ آڇيو اَٿم، پر سندس طمع کي ڪجھہ ڪين ٿو آڙي“. آخر آنند ماڻڻ جي ويل وئي؛ جڏهن راءِ ڏياچ وري ساز جي سر تي مخمور ٿي ٻيجل کي للڪار ڪئي تہ ”اي منگتا، وٺ جيڪي وڻئو اَٿيئي، هيءَ ويل اَٿيئي وڻڻ جي“، تہ ٻيجل ورندي ڏني تہ ”اَي سخا جا صاحب، مونکي مال متاع جي تہ ڪا ڪوت ڪانهي، مونکي ٻيو ڪي ڪجھہ گهرجي.“ راءِ ڏياچ جي ٽڙق وڌندي رهي. راوءِ بيزاريءَ جي نوع ۾ ٻيجل کي وري بہ للڪاريو، ”واڳم چئو ٿو وڃهين؛ طلب هڪدم پيش ڪر، پوءِ ڏس تہ اُنجي پورواري ٿئي ٿي، ڪين تہ!“ ٻيجل هاڻ دل ٻختي ڪئي؛ سندرو ٻڌو. چيائين، ”راجن، دنيا جا پدارٿ مون وٽ مٽيءَ آهن، هن ويل آءٌ تنهنجي سر جو ئي سوالي آهيان.“ راءِ ڏياچ ڪلي ڏاو. چي، ”ٻيجل، هي ڇا! شيدائي بہ هن سر جو آهين!! هيءُ هڏ؛ چم ڪنهن ڏينهن خاڪ تہ ٿيڻوئي آهي؛ سيان بدران اَڄ قصو ختم ٿي ويو تہ ڪهڙو فرق پوندو!!! پر مونکي عجب اِنهيءَ ٿان ٿو لڳي تہ تون منهنجي سر مان ونڍيندين ڇا؟ اُهو ڪي وٽ جو ڪو عرصو ڪم تہ اَچيئي. اَن جا اَنبار، لاٽي جون خزينون، موتين ماڻڪن جون صندوقون، هاٿي گهوڙا ڇڏي، تو صدا هميشہ آهي سر جي. وري بہ ويچار ڪر، جيڪي گهرندين، سو اوس ملندءِ.“ ٻئي ڏينهن بہ راءِ ڏياچ، ٻيجل جي سرندي تي روح واه جو ريجهايو

سهڻو يا سٺو ڪين هو. سورت ۽ اِهو لقاءُ ڏسي ڏٺو
۽ ڪجهه سندس راڳ، چارڻ جي چنگ ۽ رنگ تي مست
۽ مفتون ٿي چڪو هو. اَج راءِ ڏياچ هر هر پٺي ٻيجل
کي پاڻ ڏانهن چيو: ”گهر جيڪي گهرڻو هجيئي. هاٿي،
گهوڙا، پالڪيون، نقد ناڻو، سون رپو، زر جواهر سڀ
تو مٿان قربان آهن. تنهنجي سازن منهنجي اندر کي
اُٿاريو آهي. اِن مونکي نه فقط سڀ راحت کان واقف ڪيو
آهي، پر اُن مون تي ڪري ڇڏيو اٿس. آءٌ توتان سڀڪجهه
قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. هيءُ وجهه اٿيئي، وٺي،
جهول پر“. ٻيجل ذرا منجهي پيو. آيو ته برابر سر جو
سوالي ٿي هو، پر ڪنهن سخيءَ کان سر گهرڻ سونهيو
ٿي! ڪيل قول پوري ڪرڻ خاطر اِئين ڪرڻ کانسواءِ
ٻيو چارو به ڪين هوس؛ تنهن ڪري، هو لاچار هو. پر
وري ڪنهن ٿي ڪاٿس ته ”راءِ ڏياچ جهڙي شاهاڻي
شاه کان سر گهران ڪئن؟ جو ڏيڻ جو ڏاتار، جنهنجي
در تان سوالي سڪندا نه موٽن، تنهن جو جي سر گهرندس ته
لعنت مون مٿي آهي بوندي! سخي سردار جي سخا
جو اُلٽو فائدو وٺيا واجب ڪونه ٿي ٿي سگهجو!!“ پر
سوال تي اٿيو ته ”جي گهرندس ڪين ته ملندو ڪٿان؛
جي ملندو ڪين ته ايندس ڪيئن؛ جي ايندس ڪين ڪين
ته اَنبوراءِ ڇڏي ڇپر ناس ڪرائي ڇڏيندو! هاڻ ڪهڙي
وه وڃان؟“ ٻيجل جو هيڻن لهي کجي نوبو، سو راءُ
پڻ پريشان ٿيڻ لڳو ته ٻيجل کي هيڻن پاڻان پيو ته ۽

ٻيو ڪو حيلو نه ڏسي، هن ٻيجل کي ملڪ نيڪالي ڏني. لڏهن مس ٻيجل کي ٻتو لڳو ته ڪهڙو قهر ڪيو هئائين. اِلهيءَ ئي ويل ٻويان ٻير ڪري ٻيجل گرنار موٽي آيو. چڪيا ليارهئي. جنهن باه ٻميت ڪدي آسمان طرف اُسري رهي هئي، لٽن ڪڏهن مستاني جي گجڪار ٿي ۽ ان ويل سر، ساز ۽ سازيندڙ، آگ ۾ ملي هڪ ٿي ويا.

۽ چارڻ وري ورندي اُسر جو اَچڻ جو واعدو ڏيئي، وڃڻ وريو. ٽئين ڏينهن چارڻ راجا جو روح ليهائين وڏيڪ رنجهايو؛ راجا وري به منٿ ڪئي ته ”مڱڻهار، دل گهريو دان مڱ.“ بيجل به پنهنجيءَ ئي هو، سو سر سواءِ ٻيو ڪجهه طلبي ٿو ٿو! راءِڏياچ ساز جي سر تي وڌو وڏيڪ مست ٿيندو. چوٿين ڏينهن اَڳي کان اَڳرو. چوي پيو، ”چارڻ گهرين به هڪ سر تون؛ وس پڄيم ته توکان هوند سوين سر قربان ڪريان، پر اَٿم اِهوئي هيڪڙو. اَڃا به وجهه اَٿيئي، ٻيو ڪجهه به طلب، ته هڪدم اِهو تو اَڳيان حاضر ڪريان.“ بيجل تڏهن به پنهنجي هوڏ تي قائم رهيو. پنجين ڏينهن بيجل ساز مان اُهو سر ڪڍيو جو راءِ ڏياچ چيس ته ”وٺ سر، ويرم نه وجهه! وڏيڪ ترسبو ڇا لاءِ!!“ ۽ جهٽ ۾ ڪٽاريءَ سان سر ڪٽي ٿريءَ تي ڪري رکيائين. سر ڪٽيو ته به جسم جي لرزش ڪانه لٿي. راڄ-محل ۾ رڻ مچي ويو. گرنار جي گهوٽ جي هيڻن سر صدقي ڪرڻ جي خبر ٻيلي جي باهه جيان جهٽ پکڙجي ويئي. بيجل به سر ساڻ ڪري سڌو اَنيراءِ ڏي آيو. چارڻ هوڏ پاڙي هيج مان گجرات-پٽيءَ جي رنگ محل ۾ ته پهتو، مگر راجا جو رخ ڏسي، منهن جو رنگ بدلجي ويس. ههڙو درآچار، جنهن راءِڏياچ جو سر کنيو هو، سو گجرات ديس ۾ ڪيئن ٿي رهي سگهيو! اَنيراءِ هيڻن ئي مس ڪري محسوس ڪيو ته پنهنجي سوارت سڌ ڪرڻ لاءِ هيءُ ڪهڙو ڪڏو ڪم ڪرايم.

ٽڪريءَ جي پيرانديءَ ومت آهي. آس پاس ۾ گهاٽا ٻيلا آهن، جتي سهڻو شڪار ڪري سگهجي ٿو. ڪينجهر ڍنڍ جو نظارو پڻ دلڪش آهي. خود شاه صاحب ٿو فرمائي:

هيٺ جر، مٿي ڄر، پاسي ٻي وڻراهه،
اچي وڃي وچ ۾، لماڇيءَ جي ساهه،
لڳي آهر واءُ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

لماڇيءَ جي ٻيڙي جڏهن سير ونيو پئي ويئي ته جام جي نظر ڪن مهاڻن تي وڃي پيئي. مهاڻا پنهنجي ڪرت ڪار ۾ رڌل هئا. غريب لوڪ، ڍنڍ تي مڇي ڦاسائي، مياڻين ۾ وڃي ليٽائيندا هئا، جتان مهاڻيون اها نيئي، ٻيرا ٻيرا ڪري مڇي بازار ۾ گراهڪن کي وڪڻنديون هيون. سارو ڏينهن محنت ڪرڻ بعد مس دال روٽي نصيب ٿيندي هين. ونن اها سمرٿي ڪانه هئي جو گهر اڏي، رات وگري وڃي ٽانيڪا ٿين. سندن مڙه مقام اهي ٻيڙيون ئي هيون، جن ۾ چڙهي مڇي ٻه ڦاسائيندا هئا ۽ مٿو ٻه لڪائيندا هئا. مرد توڙي زالون جو سارو ڏينهن ڪم ۾ لڳا پيا هوندا هئا ته سندن ٻار ننڍڙا ٿيو پيا پاڻيءَ ۾ ترڳندا هئا. لدهن ڪالسواء منجهن اچائي اجرائي خير ڪا هئي. جن جو ڪم مڇين سان، سي صفائي سکن ڪٿان! هر هنڌ گند جا گدام لڳا پيا هوندا هئا ۽ هر جاءِ مڇيءَ جي ٻي بوءِ پيئي نڪ ساڙيندي هئي. اڄ ته اهو ئي قصو لڳو پيو هو.

نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي ڳالهه

ڪنهن سمي سنڌ تي سما راجپوتن جو راڄ هو. سما لوڪ، يادوَ ڪل جا راجپوت هئا. ڪين ٻارهين صديءَ جي وچ ڌاري سومرن شڪست ڏيئي، لوڏي ڪڍيو. هنن ڪڇ ملڪ اچي والاريو، جتي آزاد حڪومت برپا ڪيائون. سومرن کي جڏهن عيسوي ۱۴ صديءَ ۾ علاوالدين خلجيءَ ماري مات ڪيو، تڏهن سمن وري سنڌ ۾ راڄ ڪڙو ڪيو ۽ ٺٽي ۾ گادي وجهي، حڪومت هلايائون. اِها حڪومت آخر ۱۵۲۰ع ڌاري شاه بيگ اَرغون قنڌاريءَ اچي ڪاٽڻ ڪسي. سمن ۾ ڪيئي حاڪم ناليرا ٿيا، جن مان خاص طور جُوڻو، تماچي ۽ ننڍو مشهور آهن. جڏهن فيروز تغلق سنڌ تي چڙهائي ڪري آيو، تڏهن سوڀ پائي، سنڌ جي سمي حاڪم جوڻي ۽ سندس ڀائٽيي بابيني کي ساڻ دهليءَ نيئي ويو، جنهن ڪارڻ جوڻي جو ٻيو ڀائٽيو تماچي سنڌ جي گاديءَ تي ويٺو. تماچي جرات ۽ حشمت وارو حاڪم ثابت ٿيو. هن جلد بغاوت جو جهنڊو بلند ڪري، پاڻ کي تغلقن جي تابعداريءَ کان آزاد ڪيو.

ڄام تماچي - سما حاڪم، ڄام جي نالي سان سڏيا ويندا هئا - شوقين سردار پڻ هو. کيس شڪل شڪار جو خاص شوق هو. هڪ لڳا هوُ ڪينجهر ڍنڍ جي سير تي نڪتو. ڪينجهر ڍنڍ، جهرڪن ۽ ٺٽي جي وچ ۾ هالايا

تماچي، نُوري پرڻجي گهر آيو.

جام جي ٻين راڻين، مهاڻيءَ جي آئي نڪ ٻئي موڙيا، پر تماچي تہ مٿس فدا هو. نوري هڪ سباجهي نيڪر هئي، جنهن ۾ ٻاهريون ول ڇل هوئي ڪين. سندس حلم ۽ حياءَ جام کي مٿس موهت ڪيو هو. جيڪڏهن سائينءَ سڳوري کيس سونهن ڏني هئي تہ اُن ڪارڻ هوءَ ڦولڻي اَصل ڪين. ههڙو سمو جام هٿ ڪيو هئائين تہ بہ وڏائي ڪين ويڙهيس. مفلسيءَ مان ماڻڪن ۾ اچي پيئي تہ بہ غرور ڪين ورايس. هر ويل ڌڻيءَ در ٻاڏائي وينتي ۽ منٿ هئيس تہ ”اي سائين، جي نوازيو اٿيئي تہ نيڪين ۽ نهٺائي نباھ ڪج“. تماچيءَ بہ چڱي چڪاس ورتي، مگر نوري هميشہ پنهنجي سياءَ تي قائم رهي. تماچيءَ کي سندس سنگ ۾ اهو لطف پيندو هو، جو کيس ٻئي ڪنهن بہ هنڌ نصيب نہ ٿي ٿيو. انهيءَ ڪارڻ هوُ نُوريءَ سان نہ فقط شغل شڪار تي گهڻو ٿو وڃڻ لڳو، پر هالا ڪنڊيءَ تي هن هڪ خاص ماڙي پڻ اَڏائي، جنهن ۾ اَچي هوُ آسائش وٺندو هو ۽ نوريءَ جي صحبت ۾ لطف ماڻيندو هو. اها ماڙي هاڻي زبون ٿي چڪي آهي، پر اُن جا ڪجهہ آثار اَڃا قائم آهن.

جام تماچيءَ جو هيئن ٻين راڻين کي ڇڏي نوريءَ سان گڏ گذارڻ، سمين ڪاڻ سخت عذاب هو. هوُ اَندر ۾ ڪامڻ پچڻ لڳيون، پر وٽن ڪو حيلو ڪونہ هو. جام پڻ

مهاڻا ٻيڙين ۾ مڇيون ڦاسائي رهيا هئا، سندن کي ٻار
لڏڙن جيان پٺي پاڻيءَ ۾ ترڳيا ۽ ڪي وري ڪناري
تي ٻيهي لقاءُ ڏسي رهيا هئا. ڄام تماچيءَ جو ڌيان
اُنهن ڪنڌيءَ تي ٻيٺلن مان هڪ ڏي ڇڪجي ويو.
هوءَ هئي نہ مٺڪي منڊ، مگر سندس مهاندو مڙني کان
علحدو هو. پوشاڪ سادي سوڌي پيل هئس، پر چهرو
چنڊ جيان ٿي ٻهڪيس. سندس شرميلين نگاهن مڙس
گهائي وڌو - شاهہ شڪار ٿي ويو. ٻاهران نہ ڄام تماچي
شان رکيو اڳتي وڌيو ۽ شڪل شڪار بعد پنهنجي ماڳ
موٽي آيو، پر ٻره جي ٻاهہ ڪيس وهڻ ڪٽي ٿي ڏئي!
مڙس ماندو ٿيڻ لڳو، پر مسئلو هڻ پيچيدو هو. ڪيڏانهن
سمو ڄام ۽ ڪيڏانهن ڪڪيءَ ٻري گندري!! ويل پٺي ٻہ
ڪو فرق نہ پيو، مورڳو تماچي ڄام جي ٽڙڪ وڌندي
رهي. نيٺ اِهو ٻاهريون ٻهو پاسيڙو رکي، ڄام، نوريءَ جو
سڱ، سندس مائٽن کان گهريو. مهاڻن جي ٻہ ڪا ڏٺيءَ
ٻڌي ٿي ڏٺي. والي وجهي وات، تہ ناتہ ڪير ڪري!!!
مهاڻن جي بستيءَ ۾ واڌايون وري ويون. نوريءَ جي
مائٽن هاڪار موڪلي مس، تہ شادمانا شروع ٿي ويا.
سمي ڄام، نوريءَ صدقي مهاڻن کي جنسي ڍلي ڇڏيو.
ڍلون محصول مڙيئي معاف ٿي وين، ساري ڍنڍ جا
هو جڻ خاوند ڪيا ويا. غريبن جي سائين ڪڏهن
ٿو سڻي. ڪنجهر جي مهاڻن جي بہ مس ٻڌي هئائين؛
سو هاڻ تہ سندن ڏه ئي گيهہ ۾. وڏي شغل سان ڄام

سسئيءَ ۽ پنهونءَ جي ڳالهه

ڪنهن زماني ۾ پايو واهه تي ڪو برهمڻ رهندو هو. نائون ٻاليڻ پنهنجي نالي سان هو. هُو ۽ سندس منڊ، منڊر، سمي لاڪر سنتان لاءِ سڪايل هئا. نيت چڙهيل وهيءَ ۾ ٻه ڏٽيءَ سندن ٻڌي ۽ هڪ نياٽيءَ اَچي سندن گود ڀري. ٻئي ڏاڍا سرها ٿيا. پر جڏهن ٻانيڻ ويلا جاچي جوڪر جي جني پلٽي ته سندس منهن جو پنو لهي ويو. مڙس موڳو ٿي ويو. اَهڙي ڪا وسمي ويڙهي ويس جو جڻ مورچت ٿي پيو. سندس گهر واري گهوٽ جو هيءُ حال ڏسي دهلجي ويئي. آخر دل جهلي، دلداري ڏيندي، پڇيائينس ته آهي خير؟ پهرين ته ٻاليڻ پير نه پيو ڪوڙي، پر آخر اَندر جو سور سليائين. منڊر ٻه سماچار سڻي سوچ ۾ پئجي ويئي — نياٽيءَ جو ليک ڪنهن ڏاڏي ڏرم واري سان لکيل هو!! هونءَ ته نريءَ تي نعهن ڏيئي ڪيل اِتيئي ختم ڪري ٿي سگهيا؛ پر جنهن ماءُ سڪائون ڪري ٻار ورتو هو، اَندر ۾ ساهه ڪان وڌيڪ اُهو سانڍيو هو، سور سهي اُهو ڄڻيو، سا ڪتان ٿي هيءُ ڦهر ٻاسي سگهي!! منڊر مايوس مڙس موافق ٿي، پر جهٽ ڪيس ڪا تجويز سجهي آئي. سائينءَ ٿي ته مٿن مهر ڪئي جو سندن گود ڀري هئائين. تنهن ڪري هن نياٽيءَ کي نگهوسار

سندس ساز صحيح ڪري ويو. تنهنڪري هڪ ڏينهن حويليءَ ۾ نياپو ڪيائين ته اَڄ شام جو جام ايندو، سڀ راڻيون تيار رهن، جنهن سان دل پيس، تنهن کي سانجهيءَ جي سير لئي ساڻ وٺي ويندو. هيءَ خبر ٻڌي سڀ گدگد ٿيون. هرڪنهن سمجهيو ته اَڄ ضرور سندس ئي وارو ورندو. تيل ڦليل ۽ هار سينگار شروع ٿي ويا، ويس وڳا ڪري سڀ تيار ٿي ويٺيون. نوريءَ نيم موافق سادا رڱ سينڌ سرمو ڪري، سفيد وڳو اوڍي، پنهنجي جاءِ تي ٿي ويٺي. سمو آيو، هر ڪنهن پنهنجو حيلو هلايو، پر ڪنهن به روپ ڪيس ڪين ڪيڏيو. نوري، جن کي پريان پنهنجي جاءِ تي ويٺل نظر آئي. سندس لڄ ۽ حياءُ اُتان ئي پٺي چلڪون ڏنيون. ورِي به نياز جي سوڀ ٿي ۽ تماچي اَڄ به نوريءَ کي ساڻ نيئي ويو. اَجوڪي لقاءَ جام کي مجبور ڪيو ته هوُ نوريءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ڪري. رات جي محفل ۾، سڀني سمن جي سامهون، جن نوريءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ظاهر ڪيو، ۽ مڙني محسوس ڪيو ته حقي حق ڪيو ويو هو.

اُها ڪُنجي ۽ منجهس عمدي سوکڙي پيل ڏسي اُمالڪ اِها آڻي پنهنجي مالڪ محمد کي سونپي. محمد ٻڻ سالن کان سکايل هو، سو سائينءَ جا شڪرانا مڃي، صندوق گهر کڻي آيو ۽ اچي گهر واريءَ جي گود پر پائين. هڪ گود خالي ٿي ۽ ٻي اُن جي جاءِ تي ڀرجي وئي! ڪرتار جا ڪارناما ڏسي پنهنجا، قدرت جا اِسرار ڏي علحدا!!

محمد ڪٿيءَ جو نالو ڀنڀور شهر ۾ ڪنهن نه ٻڌو هو! ۽ ڀنڀور جو نالو سنڌ هند، ويجهن پرين ڏيساورن ۾ ڪنهن نه سڻيو هو!! ڀنڀور جو بندر پنهنجي زماني ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. نگر ٽٽي ڪي ٻه شهه ڏيئي ويو هو. ٻاهرين ملڪن جا غوراب ڀنڀور ڪان مٿي سنڌو نديءَ تي چڙهي نه سگهندا هئا. تنهن ڪري سڀيئي اچي ڀنڀور ۾ ڏاڪو ڪندا هئا. هڪ طرف سمنڊ جا ناکئا پنهنجا ٻيڙا آڻي ٻڌندا هئا، ته ٻئي طرف ساري سنڌ، ڪيچ مڪران، پنجاب، قندار ۽ ڪابل جا قافلا، جت ڪتان ڪاهي اچيو هت جهليندا هئا. واپاري وڻون ڀنڀور ۾ سٽيون پيبون هونديون هيون. ڀنڀور جي بازار چا ته ڏسڻ وٽان هئي! هر قسم جي شيءِ بارهان مهنا اُتي ميسر ملندي هئي!! دوڪان مال سان جهنجهيا پيا هوندا هئا. بازار هميشه پيئي ٻهڪندي هئي. مال مٺو، واپار جهجهو، ناڻو اُڪيچار، ته نگر ڪيڏو نه هوندو! ڀنڀور سان ٻر ميچڻ هوئي ڪٿي!! چا ته سندس

کرڻ بدران کيس سائين سهاري ٽاري ڇڏڻ جو پڪو ارادو ڪيو، انهيءَ آشيرواد سان ته "نياڻي جمت به هجي، شال جڙي جيڏي هجي." دل تي ڇپ رکڻ ڏاران اهڙو فيصلو ڪرڻ محال آهي. پر ماءُ جيجل ٻيو ڪري ڇا!! دل ڏاڍي ڪري، ٻـار کي ننڍي، صندوق ۾ سمهاري، ٻانهڻ کي اها واهه تي ٽاري اچڻ لاءِ ڏني. ناٿون جڻ حڪم لاءِ ترسيل هو. بدناميءَ کان هوءَ جنسي ڪنبيو پئي، سو سيگهه ڪري صندوق کڻي، ٽر تي آيو ۽ ايشور آسري اها پاڻيءَ حوالي ڪيائين. آسون برابر پلاند ۾ پيا، پر ٻيو ڪو حيلو هو ئي ڪونه. جا ڌڻيءَ کي وڻي، جنهن ڏني، دل ڏاڍي ڪري، اها اُن کي اَرپي، ٻانهڻ گهر موٽي آيو. پهريان ڪجهه ڏهاڙا سوڻ موڻ ۾ گذريا، پر پوءِ ڳالهه ويئي جهوني پراڻي ٿيندي، اندرئين ته ۾ اچا به اندر تي ٿيندي ويئي، ٽانجو جڻ ڪا به غير-رواجي گهٽنا ٿي ئي ڪانه هئي.

هوڏانهن، سجايل صندوق ليٽندي پيٽندي هلندي هلي، ٽانجو واهه اچي درياهه ۾ داخل ٿيو. سنڌو درياهه صندوق سانديندو، نچائيندو ڪڏائيندو اها دوآبي ۾ ڪٺي آيو ۽ آڻي اُن کي ڏوبي-گهاٽ وٽ ڇڏيائين. محمد ڪٺيءَ جي ماڻهن، جي ٽر تي ڪپڙا ڌوئي صاف ڪرڻ ۾ رڌل هئا، اها صندوق پاڻ طرف ايندي ڏٺي. درياهه تي سڀ جي ڇايا هيٺ صندوق ٻهڪي رهي هئي ۽ جيئن ئي اها ويجهي آئي ته ڪٺيءَ جي ماڻهن

رونق. سسئي دل پوندي سهيلين سان گهر اندر پيئي
ٽلندي ٽهلندي هئي، ۽ وقت پئي باغيچي ۾ وڻن ٻوٽن
جي گلزاريءَ ۽ سڳنڌ ۾ راند ڪيليندي دل بهلائيندي
هئي. جوڀن جوانيءَ ۾ سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ
ٻيلي جي ٻاھر جيان ڏوراهن ڏيهن ۾ پکڙجي چڪي
هئي. هر هنڌ هن جي ئي چرچا هئي. شهر ۾ سير لاءِ
نڪرندي هئي ته سڀ اکيون منجهس ئي وڃي
کپنديون هيون. هيڪاندا ته سندس شيدائي هئا، پر
سسئيءَ کي ڪو به خاص آخر ۾ ڪين هو.

انهيءَ سمي ڪيچ مڪران جا واپاري پنهنجي ملڪ
جا مال قافلن تي چاڙهي ڀنڀور ايندا هئا، جتان اهو
مال ٻاهرين ڏيساورن ڏي ويندو هو. موٽ ۾ ڪيچي
ونهيا ٻاهر جا مال ڀنڀور مان خريد ڪري پنهنجي ماڳ
موٽندا هئا، جن مان ڪين عمدي اُپت ٿيندي هئي.
ان ريت سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ڪيچ مڪران
وڃي رسي. ڪيچ جي حاڪم آري جام جي وڏي پٽ
پنهونءَ کي واپارين مان جو پتو لڳو ته ڀنڀور ۾ هڪ
چنڊ منهن واري سسئي نمودار هئي، سو ديدار لاءِ
سندس دل ڪهي ٻيٺي. پيءُ جي موڪل سان عطر ۽
انبر ۽ ٻين وٿن سان هڪ وڏو قافلو سنباهي، پنهون
هليو سسئيءَ جي سونهن پسڻ!! جبل جهاڳي، قافلو آخر
اچي ڀنڀور پهتو. اهڙو قافلو اڳي ڪڏهن ڪين آيو هو.
سارو شهر ڪستوريءَ جي خوشبوءِ سان هٻڪار جي ويو!!

عمارتون، ڇا شهر جي عبارت، سارو ملڪ خوشيءَ
ڪستوريءَ هڳاءَ سان واسيو پيو هو. شهر ۾ ڪو آدم
رهندو هو! جڻ سارو ڏيهه اچي اُتي پلٽيو هو!! نه فقط
ماڻهن جي پيٽ جي ڪاڻ هئي، پر سندن ذات صفات جو
پڻ ڪاڻو ڪين هو. بازار ۾ ڳالهه ٻولهه ٻڌندي وسهڻ
۾ ڪين ايندو هو ته پنيور ۾ آهيون. هرڪو پيو پنهنجي
ٻولي ٻولي، ته به سڀڪو پيو هڪ ٻئي کي سمجهي.
ٻلين! واه جو پنيور جو شهر هو!! اُتي ٻڪ ته ڪو مري
ڪين. پر جيڪو وهي سو جهجهو لهي. اجهو اُئين ئي
ته محمد ڪٿي به ته وڌيو ويجهيو هو. شروع ۾ اُڪيلو
اُڪيلو ڪم ڪندو هو. هاڻ پاڻ ته گديءَ تي ويٺي
فقط نظرداري پيو ڪندو هو، باقي ڪم تي ٻيو نه ته
پنج سؤ ڪاريگر ته واه جا لڳل هئا! اُهڙي سهڻي
ڏر کي سائينءَ نياڻي ڏياري.

بانيڻ جي ڏيءَ جا روش رنگ نيارا! ٻارونن ۾
ئي پٽي ٻهڪي. سو محمد گاذر ڪونڻ ئي لڳس سٽي،
چنڊ ڇهري واري. هڪ رنگ روش جي وٽندڙ، ويتر
جو ڏيک پال ٿيس وتري، ته جنّن وڏي ئي تِن ويٺي
چنڊ جيان وڏيڪ روشن ٿيندي. محمد ۽ سندس
گهر واري کيس ڏسي پيا ٺرندا هئا!! هن جي سک آرام
خاطر محمد واه جي ڪوشش ورتي. هن لاءِ خاص جاءِ
جوڙائي ويئي، جنهن جي چوگرد باغيچو لڳايو ويو.
جهڙي هئي جاءِ جي سجاوٽ، تهڙيائي هئي باغ جي

اجرا ڪرڻ جي خيال کان خوب سٽي، ليڙون ڪري وڌائين. ڊانهن نہ ڪرائڻ جي خيال کان، سسئيءَ جي صلاح لـي، ڪپڙن ۾ سونيون مهرون وجهي جند ڇڏايائين. محمد هڙئي سڪئي ستابي ٻار جي هڙئي سخت ٻوڪ، وڌي، پنهنجا سڀ اعتراض پاسيرا ڪري، پنهونءَ کان جندو پاڙو لڪائي، سسئي ساٿس شد مد سان پرڻائي. هاڻ سسئي ۽ پنهون پنهنجا ڏينهن سکيا سهڻا گذارڻ لڳا.

پنهونءَ جا ڀائي پنهنجي سردار جو ٿون رخ ڏسي، ناراض ٿيا. هاڻ هوءُ کهڙي منهن هلي آري ڄام کي خبر ڏيندا تہ ڀنڀور ۾ ريڊو رهجي ويو هو! ڄام هيءَ خبر ٻڌي ٻنهہ بي حال ٿي ويندو!! هن پنهونءَ کي گهڻوئي سمجهايو، منٿ ڪئي، مگر هوءُ پنهنجي دل هاري وينو هو، هنجو موٽڻ هاڻ محال هو. آخر قافلي وارا ٻنا پنهونءَ اٿ ڪاهي، ڪيچ موٽي آيا. آري ڄام کي جو احوال مليو تہ اٿ آيا پر پنهون ڪونہ موٽيو، تہ هوءُ هڪدم مورڇا ٿي ويو. ويج طبيب اچي مڙيا، ڄام سڄاڳہ تہ ٿيو، پر پنهونءَ سواءِ ٻيءَ جو سکيو جيئڻ مشڪل ٿي پيو. جڏهين ڪين فرق نہ ڪيو، ۽ ڪيون ٻڻ بي ڪار ثابت ٿيون، تڏهن پنهونءَ جي ڀائرن چيري، هوتي ۽ نوتي ٻه، ڪيو تہ ڪيئن بہ پنهونءَ کي آڻبو ضرور. ڀاڻ ۾ ٻهي، رٿ تيار ڪري، ٺيٺي هان اٺن تي سوار ٿي، ڀنڀور ڏي اسهيا.

سودي وڻڻ وارن جي پيه بس ئِي نه ڪري. قافلي جي
هاڪ سسئيءَ جي ڪنن توڻي پڻ پهتي ۽ هن پڻ خاصي
خريداريءَ جو ارادو ڪيو. هڪ ڏينهن هار سينگار
ڪري، سهيلين سان گڏجي، سسئي نڪتي سودو
چڪائڻ. ڪيچ جون واپاري وٿون ڏسي سسئي دنگ
رهجي ويئي. ويتر جو قافلي جي سردار کي ڏٺائين،
ته مورڳو پيرن هيٺان زمين کسڪڻ لڳيس. هوڏانهن
پنهونءَ جو پڻ حال علحدو ڪين هو. ڪيس پريان ئي
ڏسندي مٿس موهت ٿي پيو. خريد فروخت پوري
ٿيڻ تي سسئي گهر ته آئي، پر دل ڏيئي آئي هئي.
وجهه ملندي، هن پيءُ سان ڳالهه ڪئي. محمد هونءَ
ته ڌيءُ جي هر ڳالهه رکندو هو، پر هيل ڪيس اُلڪو
ٿي بيٺو. پيو ته ڪو واندو ڪين هو، پر آخر پنهون
پرديسي ضرور هو. پرديسي پرينءَ تي ڪهڙو اعتبار!!
ڪتنيءَ ڌيءُ کي گهڻو ئي سمجهايو، پر سسئي باز نه
آئي. آخر محمد پيا اعتراض ڇڏي اهو شرط ضرور
وڌو ته پنهون پار جو ويچار پلي، جيڪڏهن اسانجي
پيشي کي لڳي ويندو ته پوءِ مائٽي بحال آهي. پنهونءَ
جي به سسئيءَ ڌاران حالت قياس جوڳي هئي. پيو
وسيلو نه ڏسي هن پنهنجو رهڻ باسيو ۽ ڌوٻيءَ جو
ڌندو ڪرڻ کان عار نه ڪيو. ڪپڙا جو ڪيس ڌوئڻ
لاءِ ڏنا ويا ته هن دل لائي ڪيپ لاٿي. پر هڪ طرف
هٿ ڦٽي ڦاڪون ڪري ڇڏيائين، ته ٻئي طرف ڪپڙا

قيرو اَچي ويندو. پنهون ۽ سسئيءَ هيءَ خبر ٻڌي
خوش ٿيا. هڪ ٻئي جي صحبت ۾ سندن وقت هاڻ
وڌيڪ عمدو گذرڻ لڳو ۽ مهنو ڪن نہ جهٽ ۾ گذري
ويو. هڪ وڏي ڏينهن چنري، هولي ۽ نوتي، پنهونءَ
۽ سسئيءَ جي مائي موڪلائي. هن دفعي محفل ڪيچ
جي طعامن جي ڪٺي ويئي ۽ اُنهيءَ طرف جا شراب
کليا ويا. کاڄن جي خوشبوءِ ۽ شرابن جي شيريءَ پنهونءَ
کي مست ڪري ڇڏيو. خوب کائيندو رهيو. رات گهڻي
وهامي ويئي ۽ اِن ڪري سسئي پڻ ننڊ آکڙي ٿي ۽
ڪانئن موڪلائي اَچي پلنگ تي ليٽي. ڀائر پاڻ ۾ هئا ۽
ريڏي پئي رهاٽيون ڪيائون. ڀل موج منائين، ڪنهن
کي ڪو شڪ اُلي چو!! چون نہ آخر پنهون نشي ۾
اَلوٽ ٿي پئجي رهيو. ڀائرن ڏٺو تہ هاڻ وجهہ سونو
تيار آهي، وڌيڪ ويرم نہ وڃائڻ گهرجي. سو پنهونءَ
کي چوڪنيو ٻڌي، ٻير ٻير ۾ ڪري، سرو سامان ڪٺي
رالو واهہ ڪيچي، ڀيئور کي سلام ڪري، نڪري هليا
پنهنجي وطن. اُٺ بہ سنڌ جي ڪاڄ تي پلجي متارا ٿي
چڪا هئا، جنهن ڪري جٽن جي اَشاري تي اُڏامندا
هليا. صبوح جو سجهندي ٿيڻ کان اَڳہ هو ايڏو مفاصلو
طئہ ڪري ويا، جو سندن پيڇو ڪري، ڪنهنجو ڪين
اَچي رسڻ مشڪل هو. سسئي بہ اُنهيءَ ڏينهن اَلبت
ڇرڪو اُلي، ٻر سن سنائو ڏسي هوءَ محفل واري
ڪمري ۾ آئي تہ پٽ ٻنهہ صاف لڳو پيو هو. پنهون ۽

جڏهن اچي اُنَ جي پَٽَ ۾ پنهنجا وَهٽ هشايا مس، ته شهر ۾ خبر جهٽ ڦهلجي ويئي ته سسئيءَ جا ڏير ڀنڀور اچي سهڙيا هئا. سسئي ۽ پنهون ڀاڻ ۾ اهڙا پنهنجا ٿي چُڪا هئا، جو ڪنهن قسم جو اُلڪو اُتي نٿي سگهيو ۽ سسئي سيگهه ڪري، ڏيرن جي مرحبا ڪرڻ ڪاڻ پنهونءَ سان گهران نڪتي. ڇنرو ۽ سندس ڀائر پڻ ست ڪٽندا پئي آيا ۽ جهٽ ٻئي ڌريون اچي پاڻ ۾ گڏيون. پنهون ڀائرن سان ڀاڪر پائي گڏيو ۽ سسئيءَ پڻ سندن سهڻي ڪيڪار ڪئي. پوءِ سڀ گڏجي گهر آيا. سسئي ته خوشيءَ ۾ نه پيئي سمائجي. ڏير ڪهڙي گهر آيا هئا تن جي خاطريءَ لاءِ جي هن يتن ڪيا، سي سندس سيرت جي ساک ٿا ڀرين. طرحين طرحين طعام تيار ٿي ويا، اُهي ڪاچ سوادي جي هنن ڪڏهن چکيا به ڪين هئا. ڀاڄائيءَ جو قرب ڏسي هوتي ۽ نوتي ڪي ويچار ويڙهي ويو ته ههڙي حليم ٻانهن سان ڪوڙو پئبو ڪيئن! رسوئي کائي، ننڊ آرام ڪري، ڀائر وينا حال اَحوال وندڻ. پنهون پيءُ جي عليلائيءَ جو ٻڌي البت پنو، پر سسئيءَ جي سِڪ ڪيس اهڙو سوگهو ڪيو هو، جو ڀنڀور هن لاءِ ڇڏڻ مشڪل هو. ڀائرن اچڻ جو اِهو ٻهانو ڏنو ته ڪين پنهونءَ ڏٺي وقت ٿيو هو، ويتر جو پڻ نيڪ نٿي گذاريو ته ويچار ڪيائون ته ”پنهونءَ سان گڏجي اَکئين ڏٺو اَحوال جي اَبا جان کي ڪري ٻڌائبو ته سندس صحت ۾ واهه جو

ألي. اهوئي رودن پنڪو، روج راڙو وري چالو
ٿي ويو. صبوح ساڻ مائٽن کي ٻڌايائين ته آءٌ اُنن جو
پيرو وٺي وڃان ٿي پنهونءَ پنيان. دوس کان سواء جيئڻ
مون لاءِ جنجال آهي. اِئين اَڪيلو جالڻ مون لاءِ مشڪل
آهي." مائٽن گهڻيئي وات وڌا، منٿون ڪيون، پر
وريو ڪجهه به ڪين. پيل ڪپڙن سان، وار اَڻ ويڙهيل،
اِئين ئي نڪري پيئي. اَندر جي اُڌمن سسئيءَ کي
متوالو ڪري وڌو. هلندي هلي، ڳائيندي هلي،
روئندي هلي، ڏوراپا ڏيندي هلي، دعا گهرندي هلي، قسمت
پٽيندي هلي، حال اوريندي هلي، هلندي ئي هلي،
"ناهي ويل وهڻ جي." رستي ۾ پٿر چاڙ، جبل چاڙ
وڻ چاڙ، وليون چاڙ، ڪنڊا چاڙ، ڪرڙ چاڙ، ڏسڻو هوئي
چا! پنهونءَ سواء پرئويءَ تي پسڻو ئي چا هو!! ڏينهن
رات هڪ ٿي پيا، ۽ پير پٿون، وار ويرون ۽ ڪپڙا
ليڙون، پر سسئي پوريندي هلي پنهونءَ ڏي. پنهون
۽ پنهون، ٻي ڪا وائي وات تي اَچيس چوئي. وهيو
به متس ويل هو. پنهونءَ جي وڇوڙي کيس بانورو
ڪري وڌو هو ۽ هوءَ پنهنجي سيل ستيا جي زور تي
اَڻ ڏٺل اَٽانگا پٽ، ست ڏيئي پار ڪري ويئي. پب
جبل وٽ پهتي ته ٿڪ ۽ اُڃ منڊ ماندي ڪري وڌي.
قدرت سائينءَ جي جو هونءَ چڙهيون هڻندي اِلي ئي
شايد سسئيءَ جو ساه ڪائنس موڪلائي وڃي ها،
پر ويجهو ڪٿي صاف پاڻيءَ جو چشمو هو، ۽ اِنهيءَ

سندس پائرن جو ڪٿي به ڪو به نالو نشان نظر ڪين آيو. سسئي ته سراپجي، اُٿيئي پٽ تي سڄي پيئي. ھڙي ويساهه گھاتي!! نه ڪنهن ڏني نه ٻڌي!!! سسئيءَ جي پٽ تي ڪرڻ ڪري جو ڌڪاءُ ٿيو ته گھر جا ٻيا ڀاتي پڻ اچي مڙيا ۽ ٻنهي وائويلا مچي ويئي. شهر ۾ خبر ٻاهه جيان ڦهلجي ويئي. محمد هرطرف ماڻهو چاڙهي مڪا، پر ڪو خاص ڪـڙتيل ڪين نڪتو. ويچاري سسئيءَ جي حالت حد قياس جوڳي هئي. نه فقط چهرو بدلجي ويس، پر آهڙي وسميءَ ۾ پئجي ويئي جڻ حياتي بي معنيٰ ٿي چڪي هئي. جيجل ماءُ گھڻو ئي سمجھايس، پڻس ڪيڏي دلداري ڏنيس، پر آئڙيس ڪجھه به ڪين. ڪجھه منو لڳندو به ڪيئن؟ ڏيرن ته ڪٽي ٻوهه ڪيو، پر پنهونءَ ڪي ڇا ٿيو هو! هيءُ ڀاڙ آهن پيار جا!! هڪ خيال ٿي ڊرو ٿيو ته ٻيو ٿي اُنجي جاءِ تي آيو. ماني ٻاٽيءَ جي ته ڇپا ئي ڪانه هئي. حياتي ئي وهه ٿي پيئي هئي، ته اُجهندو وري ڇا!! سڄ لهي سانجھي ٿي، پر سگهه پتو ڪونه پيو. سسئي ڳچ ڳاريندي رهي. ڪيس به ڪو حل يا حيلو ڪونه سجھيو. سنجھا بدلجي رات ٿي. آخر سڏڪا ڀريندي سسئيءَ جي مس ڪري اک لڳي. مائٽن کي به پيٽ ۾ ڪجھه ساهه پيو. پر هوءُ به چئي نه سگھيا ته آخر قصو ڪيئن وڃي پيهندو. اندر جي اُلجهن ننڊ به حرام ڪيو ڇڏي. اَڃا پهر مس گذريو ته سسئي جاڳي

اَندر پيهي ويٺي هئي. ايل پنوهار هيءُ اِسرار پسي، ٽڙ مَڙي، چنريءَ چؤطرف لوڙهو ڏيئي، مجاور ٿي ويهي رهيو ۽ سڪ وارا لانگهائو سندس وارتا سڻي، سڪ صدقي کيس سندس پلاند ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڏيئي وڃڻ لڳا.

هوڏانهن جڏهن پنهونءَ جا نشا ٽٽا ته پاڻ کي ڪچائي ۾ سوگهو ٿيل، پيل ڏٺائين. جڪ جهجها ڪاڙائين، پر وس اَصل ڪين هليس. سسئيءَ جي سار ۾ روئي پاڻي ورتائڻ بلڪل ئي ڇڏي ڏنائين. آخر قافلو اَچي ڪيچ رسيو ۽ پنهونءَ کي آري جام اَڳيان آڻي بيهاريائون. پٽ پنهونءَ جا هيءُ حال ڏسي جام ڏجي ويو. هن کي پنهنجي بيماري بنهه وسري ويئي، کيس اِنهيءَ اُلڪي اَچي ورايو ته جي پنهون هنن ٻن ڏينهن ۾ هيئن هڃي ويو آهي ته اَڳتي اَلائي ڇا ٿيندو!! پيءُ، پنهونءَ کي پرچائڻ جي هر ڪا ڪوشش ڪئي. کيس حالتن کان چڱيءَ پر واقف ڪيائين، پر پنهونءَ سسئيءَ سواءِ گهارڻ ڪين قبوليو. آخر اِهو فيصلو ٿيو ته پنهون ڀل ڀنڀور موٽي وڃي ۽ سسئيءَ کي ساڻ وٺي اَچي. پنهون اِنهيءَ ڪارڻ سسئيءَ طرف موٽ ڪاڏي رستي تي اَنسنا ٻڌندو آيو ته قصو ڪيئن ٺاهبو. سسئي مهڻا ضرور ڏيندي، ويساهه گهاتيءَ جي ملامت مٿان مڙهيندي، وغيره. پر پنهونءَ هر ڳالهه کي منهن ڏيڻ خاطر پاڻ کي تيار ڪندو آيو. جڏهن ايل پنوهار وٽ

آنڊ مانڊ ۾ هيڏانهن هوڏانهن وائڙن جيان ڊوڙندي ڪندي، سسئي اَچي چشمي کي رسي ۽ پاڻي پي ٿڪ ڀڳائين. پوءِ پار ڪري هاڙي جي پاڙ وٽ پهتي ته ڦوڙ نديءَ ڦوهه ۽ ڇوهه سان وهندي، ڪيس اَڳتي وڌڻ نه ڏنو. حد نااُميد ٿي، لاچار پنتي هٽي، مابار نيءَ جي نزديڪ پهتي ته اَچي شام ٿي. اِتي جبل تي ڪيس ڪنهن ڪرار جي جهوپڙي بيٺل نظر آئي. اوڏانهن وڌي ايل پنوهار کان پڇا ڪيائين ته اِتان ڪو قافلو ته ڪين لنگهيو هو. پنوهار جبل ۾ اَڪيلي عورت ڏسي اَلبت اَچرج ۾ پيو، ويتر جو هوءَ چنڊ منهن واري هئي تنهن منجهس خيال ئي اُلٽا ۽ بڇڙا جاڳايا. سسئي سڀ جهت ۾ جهٽي ويئي ۽ ايل پنوهار کي هٿائڻ جو ڀانو سٽيائين. چيائينس ته اُڃايل آهيان، جي ڇڪو کير جو پيارينم ته هوند جيءَ جاءِ ٿئيم. پنوهار خوش ٿي کير ڏهڻ لاءِ ڌڻ ڏانهن وڌيو، ته سسئيءَ سائينءَ کي سوال ڪيو ته ”هي بي-وسيلن جا وسيلا، هن ويلي واهر ڪر. ڌرتي جاءِ ڏئي ته هوند اَندر پيهي وڃان“ ٿيو به ائين. سسئيءَ جو سوال ڪرڻ ۽ زمين جو زلزلو ٿيڻ. سسئي به بنا سانگي خال ۾ اَندر لنگهي ويئي ۽ زمين وري سڌي ٿي ويئي. پنوهار جو ڪجهه مهل کان پوءِ واپس وريو، ته عورت نهي ئي ڪانه. فقط سندس چنريءَ جي ڪنڊ، جا ٻاهر رهجي ويئي هئي، تنهن مان پتو پيس ته منڊ اُنهيءَ هنڌ

پهتو ته ٽري آيس ته اَڳي جبل تي اَهڙو لوڏهو هو ٿي
ڪونه. سو پنوهار کان پڇيائين. ڳالهه ٻڌنديئي وڃي
چنريءَ جي ڪنڌ تي نظر پيس ۽ اِها هڪدم سڃاتائين.
شڪ اونديءَ ويل ڪائي ويس. يڪدم ٻروڙي ويو ته
قصو ڪيئن هوندو ۽ جڏهن پنوهار ڳالهه پوري ڪري
رهيو ته پنهون اَچي سڏڪن ۾ پيو. زارون زار روئي
جڏهن من ڪجهه هلڪو ڪيائين، تڏهن پيو ڪو واه
وسيلو نه ڏسي ڏاتار کي ٻاڏايائين ته ”ڪو قرب ڪر،
سسئي ملاءِ.“ ڏٺيءَ سندس ٻڌي، ڌرتي جو ڏڏي
هئي ته اَڃا پوري سنوت تي ڪانه آئي هئي، جنهن ڪري
ٻيهر پٽ زلزلو ٿيو. چنريءَ وارو هنڌ وري کلي پيئو ۽
پنهون، سسئيءَ جي سڏ تي اندر لنگهي ويو. زمين
ٿوري دير ۾ وري يڪي سڌي ٿي ويئي. ايل پنوهار
هيءُ اِسرار ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ جڏهن سڄي
حقيقت جو پورو جائزو ورتائين ته پيا وسيلا واهون
ڇڏي، قبر اَڏي، عاشقن جي آسري اِتي ويهي رهيو.